علي جان ٻـــرڙو

# ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين ۾ سماج جي تصوير

# A PICTURESQUE OF THE SOCIETY IN THE SHORT STORIES OF SINDHI STORY-WRITERS AFTER PARTITION

## ABSTRACT

Being a dominant part of the literature, short story is the very reflection of the society. It is, infect, short story that not only brings about change in the thoughts and perceptions of the individuals, but paves a way for social change. Social, economic and political conditions, prevailing in society, directly affect the creative avenue of a short story writer, who tries to present existing conditions accordingly. Likewise Sindhi short story is not a separate entity and closely attached with Sindhi Society. Thus, every aspect of the society has been highlighted in Sindhi short story so as to acquaint a general reader with the environment around.

Sindh witnessed a tremendous change after the partition of the sub-continent. This change was multi-faceted and put Sindhi society in trial. Resultantly, the Sindhi short story writer stood out to pen down the social realism. Jamal Abro was the fore-runner writer after independence whose short stories are true image of Sindhi society at that time. Jamal Abro was followed by a galaxy of short story writers, who stood against social evil, feudalism, poverty etc. and wisely and craftily, highlighted such aspects in their short stories. They, no doubt proved themselves the masters of pen, wisdom them, the names of Dr. Ayaz Qadri, Agha Saleem, Abdul Qadii, Junejo, Shaikh Ayaz, Amar Jaleel, Ghulam Rabbani Agro, Qamar Shahbaz Siraj-ul-Haque, Naseem Kharal, Shaikh Hafeez Hameed Sindhi, Rasheed Bhatti, Ibne Hayat Panhwar, Ali Baba, Manik, Bashir Moriani, Ali Ahmed Brohi, Khwajo Saleem, Ghulam Nabi Mughal, Dr. Najam Abbasi, Anees Ansari, Muhammad Bux Johar and Razaque Mahar stand at the top. Women short

story writers are not behind on this front. Sumaira Zareen, Begum Zeenat Channa, Apa Shamas Abbasi, Naseem Mughal, Mehtab Mehboob, Noor-ul-Huda Shah, Abida Ghanghro etc are worth mentioning.

This paper attempts to cover all the aspects of Sindhi society which have been shown in the short story writers of Sindh.

علم و ادب سماج تي ڪيترن ئي طريقن سان اثرانداز ٿئي ٿو، جنهن ۾ قوم جو طبقاتي ڍانچو، اقتصادي حالتون، سياسي نظام ۽ ان جي مختلف ادارن جي خوبين ۽ خامين جو علم ادب وسيلي نمايان طور تنقيدي جائزو ورتو ويندو آهي. انهيءَ کان سواءِ ان قوم جا خيال، جذبا، تصور، اُميدون، اُمنگون، تاريخي احوال ۽ ڏند ڪٿائون وغيره پڻ علم ادب ۾ اظهارجندا آهن. اهڙيءَ ريت علم ادب سماج جي خوبين ۽ خامين جي ڄاڻ ڏئي سماجي تبديليءَ ۽ ترقيءَ لاءِ راهون هموار ڪندو آهي. ان سان گڏ اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ علم ۽ ادب مان اهو ڪجهہ ئي ظاهر ٿيندو آهي، جيڪو ان سماج جي ماحول ۾ هوندو آهي.

ڪهاڻي ادب جو هڪ اهم جُز آهي، جنهن جو تعلق سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح سماج سان ئي هوندو آهي. جيئن جيئن سماج ۾ تبديلي ايندي رهي ٿي اهڙيءَ طرح ڪهاڻيءَ ۾ پڻ ڦيرا ايندا رهن ٿا. اهو ڦيرو ئي ڪهاڻيءَ جو مکيہ موضوع بڻجي ٿو ۽ سندس اوسر ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

هر سُڌريل سماج جو ادب پنهنجي خمير سان جُڙيل هوندو آهي. اهڙيءَ ريت سنڌي ڪهاڻيءَ جون پاڙون بہ هتان جي مِٽيءَ ۾ کُتل آهن. جيئن دنيا جي هر ڪهاڻي پنهنجي سماج جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن کان متاثر ٿي لکي وئي آهي تہ بلڪل اهڙيءَ ريت سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پڻ سنڌي سماج جا عڪس يعني چِٽَ ملن ٿا. سنڌي ڪهاڻي پنهنجي سماج کان ڌار ناهي ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ جو بُنيادي ڪارج ئي اِهو آهي تہ سنڌي ڪهاڻي سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ طرح سنڌي سماج سان لاڳاپيل رهي آهي.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي تبديليون آيون آهن ۽ انهن تبديلين جو اثر سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ ۽ نفسيات تي پيو آهي، جنهن کي سنڌي ڪهاڻيڪارن پنهنجي مطالعي، مشاهدي ۽ تخيل جي آڌار تي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، جيڪو ڪردارن جي ذريعي سنڌي سماج جو حقيقي عڪس آهي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جو گهرو اَڀياس ڪجي تہ ان ۾ سنڌي سماج جي هر پهلوءَ ۽ هر نقطي جو عڪس ملندو ڇاڪاڻ تہ ڪهاڻيڪار سماج ۾ ترقيءَ ۽ بهتريءَ جو خواهشمند هوندو آهي. مسئلن جي نشاندهي ۽ سُلجهائڻ، ماڻهن ۾ جاڳرتا، ذهني

سُجاڳي، اخلاقي همت ۽ جرئت پيدا ڪرڻ چاهيندو آهي، تنهن ڪري هو هڪ حد تائين سماج ۾ هڪ رهبر ۽ رهنماءَ جو ڪردار پڻ ادا ڪري ٿو، ان ڪري ئي هو ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي سماج جا عڪس ويهي چِٽي ٿو. جيئن پڙهندڙ پنهنجي سماج بابت ڪا ڄاڻ حاصل ڪري، اندازو لڳائي سگهي ته سندس سماج ڪٿي بيٺل آهي؟ اهڙا چٽا عڪس اياز قادريءَ، جمال ابڙي، آغا سليم، امر جليل، نورالهدي شاهه، قمر شهباز، منير احمد ماڻڪ، علي بابا، سراج ميمڻ، نسيم کرل، نجم عباسيءَ، مهتاب محبوب، رزاق مهر، غلام نبي مغل ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين ۾ پسي سگهجن ٿا.

سنڌي ڪهاڻيڪارن سنڌي سماج جي مختلف پهلوئن تي گهري نظر وجهي پنهنجي ڪهاڻين وسيلي پنهنجي سماج جي روپ جا عڪس ته ويهي چِٽيا آهن، پر هن پهلوءَ تي باضابطي طور تي تحقيق جي ضرورت آهي جنهن مان اِهو واضح ٿئي ته سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جا ڪهڙا ڪهڙا روپ چِٽيا ويا آهن؟ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي تبديليون آيون مجموعي طور اهي تبديليون ئي اڪثر ڪهاڻين جو موضوع بڻيل رهيون ڇاڪاڻ ته ورهاڱي بعد سنڌي سماج جي واپاري طبقي ۽ مڊل ڪلاس يعني سنڌي هندن جي لڏي وڃڻ، وڏيرڪي طبقي جي سياسي نظام مٿان حاوي بڻجڻ، ون يونٽ ٺهڻ جي صورت ۾ سنڌ صوبي جي ڌرتيءَ تان غائب ٿيڻ، ٻين صوبن جي آباديءَ جي لڏپلاڻ ۽ سنڌ جي اهم معاشي وسيلن تي قابض ٿيڻ سميت ڪوڙسارا مسئلا سنڌي سماج تي اثر انداز ٿيا جن جي پسمنظر ۾ بي شمار ڪهاڻيون لکيون ويون آهن.

پروين موسي ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سون ورنيون سوڍيون“ ۾ لکي ٿي ته ”1947ع کان پوءِ جو ڪهاڻيءَ جو دور سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي. خاص طور تي1950 ع کان1985 ع تائين سنڌي ڪهاڻيءَ جو سونهري دور سڏي سگهجي ٿو.“ (ص xxvii)

1947ع کان هاڻوڪن ايامن تائينءَ جا پـنا اُٿلائيندا سين ته سنڌي ادب ٻين صِنفن سان گڏ افساني ۾ به ڏاڍو زرخيز آهي ۽ سنڌي اديبن افساني جو ڪو پاسو خالي نه ڇڏيو آهي. اهم ڪهاڻيڪارن ۽ افسانا نگارن مان جمال ابڙو، ڊاڪٽر اياز حُسين قادري، آغا سليم، امر جليل، نورالهديٰ شاهه، غلام رباني آگرو، قمر شهباز، ماڻڪ، علي بابا، سراج الحق ميمڻ، نسيم کرل، شيخ حفيظ، بشير مورياڻي، رشيد ڀٽي، ابن حيات پنهور، حميد سنڌي، علي احمد بروهي، علي بخش ميمڻ، خواجه سليم، بيگم زينت، جمال رند، ثميره زرين، حافظ شاهه حسيني، راز ٻـلڙائي، ڪريم بخش خالد، محمد بخش جوهر، شمس صديقي، نجم عباسي، مهتاب محبوب، رزاق مهر، غلام نبي مغل، عابده گهانگهرو ۽ ٻيا خاص طور ذڪر جوڳا آهن.

**جمال ابڙو:**

افساني جي دنيا ۾ جمال ابڙي کي اهم مقام حاصل آهي. جمال ابڙو ولد علي خان ابڙو 2 مئي 1924ع تي پيدا ٿيو ۽ 29هين جون 2004ع تي وفات ڪري ويو. جمال جي افسانن ۾ حقيقت نگاريءَ کي تمام وڏي اهميت حاصل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ”شاھہ جو ڦـر“، ”پشو پاشا“، ”بدمعاش“، ”ڪارو پاڻي“، ”پيراڻي“ ۽ ”پاڇا“ شامل آهن. جمال ابڙي کي سنڌي ادب جي اُستاد افساني نگارن ۾ به ڳڻيو ويندو آهي. سندس افسانا فن، فڪر، مقصد ۽ موضوع جي تـناظـر ۾ تُـڪيل آهن بلڪـ هـُن ٻين افساني نگارن وانگي هڪ ئي هنڌ ڳنڍيو نہ ڏني آهي. ”شاھہ جو ڦر“، ”پشو پاشا“، ”بدمعاش“، ”پيڙاڻي“، ”خميسي جو ڪوٺ“، ”لاري“، ”بدتميز“ ۽ ”ڪارو پاڻي“ وغيره ۾ ڏتڙيل، هيسيل، هيڻانهين سماج جا عڪس چٽيءَ طرح ڏسي سگهجن ٿا. ”حقيقت ۾ جمال، زندگيءَ جو ترجمان افساني نگار آهي. زندگي، جنهن جا اڻکٽ سلسلا، بي حساب جلوا ۽ ڪيئي رنگ ۽ رويا آهن، تن کي جمال ابڙي پنهنجن افسانن ۾ نهايت سادگيءَ، سچائيءَ ۽ اختصار سان پيش ڪيو آهي، جڏهن تہ معاشرتي ڏاڍ، ڏتڙيل عوام جي اهنجن ۽ سورن، ڏکن ڏاڪڙن، لاچاريءَ ۽ بي وسيءَ جي چٽن کي بہ نهايت اثرائتي انداز ۾ چٽيو اٿس.“ [1]

سندس خيال روان بيان، ننڍين ننڍين جملن، سنڌي چوڻين، تشبيهن ۽ اَستعارن سان ڀـرپور نظر اچن ٿا. هـُن ٻاهر وچڙ سان گڏ سنڌ جي ڪردارن کي بہ ترجيح ڏني آهي. جمال ابڙي جا افسانا سماجي حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهن. ”جمال هڪ اهڙي انسان جي نظر سان سماج ۽ اُن جي سڻن ۽ خراب ماڻهن کي ڏٺو جي جج جي سامهون اچن تہ ڇا ٿئي؟ هـُن جا ڪردار جي اَرڏا آهن تہ سماج اُنهن جي ڪنڌ تي لـت رکي، اُنهن کي اهڙو بڻايو.“ (2)

**ڊاڪٽر اياز حـُسين قادري:**

ڊاڪٽر اياز حـُسين قادريءَ ولد غلام سرور قادريءَ ( 10جون 1926ع - 1997ع) پنهنجن افسانن ۾ سماجي برائين، هٽ ٺوڪي وڏيرڪي سماج، ٻڪ، بدحاليءَ ۽ جاگيرداراي نظام جي انت ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ”ٻلـُو دادا“ 1957ع ۾ ڇپيو، جيڪو سندس مقبول مجموعو آهي جنهن کان متاثر ٿي ڪافي ڪهاڻيڪارن ان جي فارميٽ کي پنهنجايو، جنهن ۾ شامل ”ڪتي جي موت“، ”مان انسان آهيان“، ”ٻلو دادا“، ”فرشتو“، ”ڪفن چور“، ”ڀهررو ٻي“، ”هاجران“ ۽ ”ليڊر“ سماج جي ڀهروپيت کي وائکو ڪن ٿا. هن اسان جي سماج ۾ موجود فرسودن ۽ هٽ ٺوڪين طور طريقن کي سڌو سنئون ننديو آهي. سندس لکڻيون ترقي پسنداڻي سوچ جي عڪاسي ڪن ٿيون. ”اياز قادري پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج جي غليظ شڪل جي نشاندهي ڪري ٿو، جنهن ۾ انسانيت جو قدر ڪونهي. فڪري طور

ڏنو وڃي تہ اياز قادري پڙهندڙن جي ذهن ۾ سوال اڀاري ٿو، طبقاتي گھٽ وڌائيءَ خلاف ڪين اجتماعي جدوجهد ڪرڻ لاءِ اڀاري ٿو. سندس ڪهاڻين جو روشن خيال پهلو اهو آهي تہ هو موجوده سماج جي فرسوده فڪر کي قبول نہ ٿو ڪري جتي انسانيت بي عزت ٿي رهي آهي.“ (3)

**شيخ اياز:**

شيخ اياز (شيخ مبارڪ علي) ولد غلام حسين شيخ1923 ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو ۽ 1997ع ۾ گذاري ويو. سندس وصيت مطابق کيس ڀٽ شاهہ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. شيخ اياز جون خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون. هُن سنڌي ادب کي جيڪو ڪجهہ اَرپيو سو سندس ايامن ۾ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هو. سندس ڪهاڻين جا مجموعا ”سفيد وحشي - 1947ع“ ۽ ”پنهل کان پوءِ - 1954ع“ مشهور ۽ مقبول مجموعا آهن. ”پُنهل کان پوءِ“ ۾ هُن پاڻي سِر تي چڙهي وڃڻ کان پوءِ پيدا ٿيل پِيڙا وڏي دردِيلي انداز ۾ بيان ڪئي آهي. ٻين ڪهاڻين ۾ ”ڪارو رنگ“، ”سفيد وحشي“، ”ڪلٽي“، ”شرابي“ ۽ ”اسان جي سنڌ“ شامل آهن، جن ۾ جتي انگريزن کي ڀڄائڻ جي ڳالهہ ملي ٿي، اتي اياز سنڌي هندن کي پنهنجو ديس نہ ڇڏڻ جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو تہ گڏوگڏ سماج جي اڻبرابريءَ تي بہ تکي نظر رکي ٿو. اياز جا افسانا خاص طور تي ترقي پسنديءَ واريءَ لڙهيءَ ۾ پويل پاسجن ٿا.

**غلام رباني آگرو:**

غلام رباني آگرو ولد عبداللطيف آگرو 1933ع ۾ آگرا ڳوٺ ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو ۽ 2010ع تي گذاري ويو. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڳوناڻي زندگيءَ جي عڪاسيءَ جي ڪوشش ڪئي آهي. هُن افسانا ٿورا لکيا آهن. سندس افسانن جو مجموعو ”آبِ حيات“ جي نالي سان مشهور آهي جيڪو1960 ع ۾ شايع ٿيو. ”ربانيءَ جو افسانو ”آب حيات“ ڏند ڪٿائي انداز سان مقبول ٿيو.“ (4)

غلام رباني آگري ”شيدو ڌاڙيل“، ”ٻري هن ڀنڀور ۾“، ”پن ٻوڙين پاتال ۾“، ”اخبار“ ۾ سماجي مسئلن کي حقيقت نگاريءَ واري انداز ۾ بيان ڪيو آهي ۽ طبقاتي نظام کي پنهنجن افسانن جو منفرد موضوع بڻايو اٿس.

**محمد عثمان ڏيپلائي:**

محمد عثمان ڏيپلائي حبيب الله ميمڻ جي گهر ڏيپلي ضلعي ٿر پارڪر ۾ 1908ع ۾ ڄائو ۽ 1981ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس شاعريءَ ۾ تخلص ”شائق“ رهيو آهي. پاڻ بهترين افسانا نگار پڻ هو. ”خيبر جون خوبانيون“، ”رنگارنگي دنيا“، ”درگاهہ شريف“، ”جوڙي“، ”مرشد جو گهوڙو“ ۽ ”نٽ جو حج“ وغيرهہ ڪهاڻين جا مجموعا اٿس. هُن پنهنجي آکاڻين ۾ سماج جي سيني پاسن جي تصحيح ۽ تلقين ڪئي آهي.

**سراج:**

سراج الحق ميمڻ 24هين آڪٽوبر1933 ع تي ٽنڊي جام ضلعي حيدرآباد ۾ محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ڄائو. سراج الحق هوندئن ته ادب جون ٽـلهي ليکي سڀئي صِـنفون ووڙيون آهن پر افسانن تي به قلم ڪنيو اٿائين. "ديوتا ۽ انسان"، "زندگيءَ جي ڪنارن تائين" ناهوڪا افسانا اٿس. هـُن جا افسانن تي ٻڌل ڪتاب "اي درد هلي آءُ!" 1962ع ۽ "اُنون ماڻهو" 1985ع ۾ ڇپيل آهن. سراج جي افسانن ۾ مٿئين طبقي جا ڪردار جهجها ملن ٿا. "فراڊ" ۾ مٿئين ڪلاس ڪي ڏيکاري ٿو ته هينيون طبقو انهن ڪردارن جي گردش ۾ رهندي پيسجي پيو. "اُنون ماڻهو" هڪ ارڏو ڪردار آهي جيڪو ظلم اڳيان بيٺو رهي ٿو. "ٻهڻي" به بهترين ڪهاڻين منجهان اٿس.

**رشيد ڀٽي:**

رشيد ڀٽي1933 ع ۾ حافظ عبدالحميد ڀٽيءَ جي گهر سکر ۾ ڄائو ۽ 16هين فيبروري 1988ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. رشيد ڀٽي به افسانن جي مد ۾ نرالو ماڻُ رکي ٿو. پاڻ هڪ ئي وقت مزاح نگار، سنجيدو، قوم پرست ۽ ترقي پسند لِکاري هو. سندس افسانن جا مجموعا "گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ گهاءُ" ۽ "ديس ستا، دل وارا جاڳيا" آهن. "سياري جي رات"، "ديس ستا دل وارا جاڳيا" ۽ "سڙيل نوڙي" جو محور قومي جذبو آهي جن ۾ ڪردار نگاري ۽ منظر نگاري ڪمال تي پهتل لڳي ٿي.

**رسول بخش پليجو:**

سنڌ جو ناميارو ڏاهو رسول بخش پليجو 20 هين جنوري1930 ع تي ڄـنگشاهي ضلعي ٺٽي ۾ علي محمد پليجي جي گهر ۾ ڄَميو .هوندئن ته ڪافي ڪتاب لکيل اَٿس جيڪي مختلف موضوعن تي ٻڌل آهن پر ڪهاڻين جي حوالي سان "پسي ڳاڙها گل" 1966ع ۾ شايع ٿيو. سڀ جا سڀ ڪردار پليجي صاحب جي مشاهدي هيٺ رهيل نظر اچن ٿا. سندس افسانن جا موضوع بربريت، جهالت ۽ فرسودي نظام جي خلاف بغاوت آهي. هن مجموعي ۾ "اڄ آڳڙيا آيا"، "سچ جو ڏينهن"، "ساجن مهاڻو" ۽ "وڏيو هئين ته ويهه" ڪهاڻيون شامل آهن جن ۾ جمالياتي حسن سان گڏ محنت ڪش ۽ هاري ناري تحريڪن جا آثار چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. "پليجي جا ڪردار هن جي مشاهدي مان نڪتل آهن، جيڪي پوڙهين ٿا ۽ جيڪي ظلم ڪن ٿا. هُن جي زبان به ڪردار جي حيثيت موجب آهي. هُو لاڙ جو آهي ۽ لاڙ جي فطري محاوري کي ضرورت ۽ موقعي آهر اصلي رنگ ۾ ڪم آڻي ٿو. اها زبان جتي باهه ٻري، پسي ڳاڙها گُلَ ۽ بختاور ۾ خاص طور نمايان آهي. ان کان سواءِ هُو فقط افسانو لکڻ خاطر افسانو نه ٿو لکي بلڪ پرماريت، ظلم، جهالت ۽ فرسوده سوچ جي خلاف هڪ سُجاڻ ۽ سجاڳ انسان وارو پنهنجو حصو ادا ڪري ٿو جيئن سنڌ جي حالت سڌري سگهي." (5)

**حفيظ احمد شيخ:**

حفيظ احمد شيخ1931 ع ۾ گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ عبدالرسول شيخ جي گهر جنم ورتو. هو 1971ع ۾ وڇڙي ويو. شيخ حفيظ کي بہ پلن افساني نگارن ۾ ڳڻيو پيو وڃي. سندس ڪهاڻيءَ لکڻ جو انداز گهڻن کان مختلف آهي. "امان مان اسڪول نہ ويندس!"، "بہ پاڇا"، "پڳوڙا"، "فقير رمندا رهن ٿا"، "بہ لڙڪ"، "ساگر جي لهرن تي"، "مبارڪون" ۽ "ٺواٺو" سندس بهترين افسانا آهن جن ۾ علامت نگاريءَ سان گڏوگڏ روشن خيالي تمام گهڻي ملي ٿي. پيڙا، ڏک، سماجي اڻ برابري، ماڻهن سان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ انياءُ مکيہ موضوع اٿس. حفيظ شيخ جي ڪهاڻين جا مجموعا "اڃو پکي - 1997ع" ۽ "ساگر جي لهرن تي —مرتب : بيدل مسرور - 1976ع" آهن.

**امر جليل:**

امر جليل (عبدالجليل) ولد قاضي عبدالغنيءَ جي گهر روهڙي ضلعي سکر ۾ 8نومبر 1936ع تي جنم ورتو. پاڻ موجوده دور جي افسانا نگارن ۾ مٿانهون مَقام رکي ٿو. سندس طرز تحرير طنز ۽ مزاح سان ڀرپور نظر اچي ٿي. سندس لکڻ جو انداز انوکو ۽ دلچسپ آهي. هُن پنهنجي افسانن ذريعي ادب ۾ نون لاڙن، رجحانن ۽ نظرين کي جنم ڏنو آهي. "امر جليل جا افسانا گهڻي ڀاڱي تشبيهہ ۽ تمثيل تي ٻڌل آهن. سندس مڪالما افسانن جي جان سمجهيا وڃن ٿا جن ۾ بظاهر تہ طنز و مزاح جو عنصر تمام گهڻو نظر اچي ٿو پر حقيقت ۾ ڏنو وڃي تہ انهن جي تلخي زهر کان بہ وڌيڪ ڪوڙاڻ واري آهي. پنهنجي اشاعت جي سالن (69 - 1968ع) جي دوران امر جليل جي مڪمل شخصيت ۽ ڪهاڻي فن جي مڃتا جو باعث بنيا. هو هڪ سڄاڻ، سڄاڳ (Committed) ليکڪ جي حيثيت سان اُڀريو. سندس ڪردار ڪهاڻيءَ جي واڌ ويجهہ ۾ چٽا نظر اچن ٿا. انهن ۾ ڪي مانيٽا تہ ڪي ڏاڍا جوان، ڪي زندگيءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ ۽ ڏاند جهڙا بہ."[(6)]

هيل تائين امر جليل سَوَ کان مٿي افسانا لکي چڪو آهي، جيڪي مختلف وقتن تي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس افسانن جا مجموعا "دل جي دنيا"، "جڏهن مان هوندس"، "منهنجو ڏس آسمان کان پڇو"، "تاريخ جو ڪفن"، "سنڌو منهنجي ساهہ ۾" ۽ "ٿيون وجود" ذڪر جوڳا آهن.

**آغا سليم:**

جيڪڏهن اسين تاريخ پڙهنداسين تہ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڄمار ٿُلهي ليکي هڪ سئو سال بيهندي. يعني اِنهيءَ صِنف انگريزن جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ اندر باقاعدي جنم ورتو ۽ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ ڏاڪا ڀَڏائين. کوڙ سارا ڪهاڻيڪار انهيءَ مَد ۾ قلم کڻڻ لڳا. مَنجهن آغا سليم بہ هڪ آهي. آغا سليم 7 اپريل1935 ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. سندس پورو نالو آغا خالد سليم ولد آغا

عبدالڪريم آهي. آغا سليم جي آکاڻين جي اَڀياس کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ هو رومانيت ۽ حقيقت پسند جهجهو آهي. آغا سليم جي ڪهاڻين جا ڳٽڪا ”چنڊ جا تمنائي“ ۽ ”ذرتي روشن آهي“ 1963ع ۾ ڇپيا جن جا پلاٽ گهٽي ياڳي هڪجهڙا محسوس ٿين ٿا.

اِن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ آغا سليم مڃتا جوڳو ڪهاڻيڪار آهي ۽ سندس ڪهاڻيون نظر مان گذاريندڙ ماڻهو سندس مڪالمن ۾ رواني، پُرخلوص جذبا ۽ حقيقت پسنديءَ ملي ٿي. هُو ماڻهوءَ کي تِريءَ تي بهشت وانگر پَنن ئي پَنن تي اُڀ جي لالاڻ، ڍنڍ ۾ ڪنول جا ٻوٽا، چانڊاڻ، گلن جي سُرهاڻ ۽ محبت جا منظر پَسائي ڇڏي ٿو. سُونهن جو شَيدائي هُجڻ ناتي گـل ٻانڀيءَ، چانڊوڪيءَ ۽ بهار جي مند جو جهجهو ذڪر ڪيو اٿائين. ”ساريم پنهنجي پرينءَ کي“ هڪ سُٺو افسانو آهي پر جڏهن اهو افسانو گهـڙيو ويو هو تڏهن سنڌي سماج جو مُنهانڊو اهڙو نہ هو. لڳي ٿو تہ آغا صاحب سنڌي سماج جي آئيندي کان واقف هو جو باغ ۾ سرِعام ياڪر پائڻ جهڙا منظر بہ چِٽيا اٿائين.

**عبدالقادر جوڻيجو:**

عبدالقادر جوڻيجي ولد مريد حسين جوڻيجي جنهاڻ ضلعي ٿر پارڪر ۾ ڀهرين نومبر1945ع تي جنم ورتو. پاڻ موجوده دور جي افسانی نگارن ۾ پنهنجي مُنفرد حيثيت رکي ٿو. امر جليل کان پوءِ طرزِ تحرير ۾ هُو ٻئي نمبر تي اچي ٿو. ”واٽون، راتون ۽ رول - 1973ع“ ، ”ويندڙ وهي لهندڙ سج -1984ع“ ۽ ”سونو روپو سج - 1986ع“ سندس افسانن جا مجموعا آهن. ”هن جا ڪردار ۽ اُنهن جون ننڍيون ننڍيون خوشيون، جدا جدا سوچ رکڻ وارا آهن. انهن جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي اُپٽار هو ڪاميابيءَ سان ڪري ٿو.“ (7)

**نسيم کرل:**

نسيم کرل 29 جون 1939ع تي حاجي عبدالڪريم کرل جي گهر کرل ڳوٺ، تعلقي گمبٽ، ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. هو اسان کان 1978ع ۾ وڇڙي ويو. نسيم کرل جو شمار بہ سنڌ جي مشهور افسانی نگارن ۾ ٿئي ٿو. سندس لکڻ جو انداز ٻين افسانی نگارن کان مختلف آهي. سندس ٻولي سَولي، عام فهم ۽ مقامي رنگ ۾ رڱيل آهي. پنجاهہ کان مٿي افسانا لکيائين. سندس افسانن جا ٽي مجموعا ”شبنم شبنم — ڪنول ڪنول“ ، ”چوٽيهون در“ ۽ ”ڏمي“ مقبول آهن. نسيم جي ڪهاڻين ۾ ”ڪافر“ ، ”ڏمي“ ، ”ڪني آڱر“ ۽ ”چوٽيهون در“ خاص طور مقبول رهيون. ”ڪافر“ ۾ نسيم اُن منافقيءَ جو پڙدو فاش ڪيو آهي، جنهن موجب ڪنهن کي مسلمان تہ ڪجي پر کيس سڱ نہ ڏجي! سيتل اوڏ ان ڪري ئي پنهنجي گنات ڏانهن موٽي ويو. عبدالله نہ ٿي سگهيو.“ (8)

**ابراهيم خليل:**

ڊاڪٽر ابراهيم خليل ولد محمد يوسف شيخ 24 ڊسمبر1900 ع تي ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو ۽ 19 نومبر1982 ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. شاعريءَ ۾ تخلص "خليل" هئس. ڊاڪٽر شيخ ابراهيم خليل افسانا بہ لکيا جيڪي "عبرت ڪده" جي نالي سان ٽن جلدن ۾ ڇپجي چڪا آهن. هُن سماج جو نفسيات وارو پاسو ڪنيو ۽ هن سماج جي لالچ، پنهنجن جي روپ ۾ دشمنن وارن روين ۽ انسانيت ڪي تذليل ڪندڙ رشتن تي قلم ڪنيو.

**نجم عباسي:**

نجم عباسي (ڊاڪٽر نجم الدين عباسي) پٽ الهندو خان عباسي 18 آڪٽوبر1927 ع تي ڳوٺ خانواهڻ ضلعي نوشهري فيروز ۾ جائو ۽ 25 آڪٽوبر 1995ع تي گذاري ويو. نجم عباسي پڻ هِن دور جي چڱن افساني نگارن مان آهي. سون جي تعداد ۾ ڪهاڻيون لکيل اٿس. سنڌي ادب ۾ سندس افسانا مٿانهون مقام رکن ٿا. "طُوفان جي تمنا"، "پٿر تي لِيڪو"، "پروفيسر"، "مٿي سنڌ سڪار"، "دوکو"، "منهنجون بهترين ڪهاڻيون"، "پاڻ ۾ وينا آهيون"، "دارون هن ديواني جو"، "رشتا ناتا"، "چوڏو"، "اهي ڏينهن، اُهي نينهن"، "خالي ڪيسي ۾ پريل سوچون"، "دبي ۾ تڪريون"، "ڪوڙڪي"، "هٿيار"، "ٻيرين ٻور جهليو" ۽ "ايڏو سور سهي" سندس بهترين افسانا آهن. هو پنهنجن افسانن وسيلي قوم جو ڪيس وڙهيو آهي.

**طارق اشرف:**

افساني جي اشاعت ۽ واڌاري ۾ طارق اشرف (سيد اشرف علي شاهہ)1940ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو ۽ 1992ع تي هن فاني دنيا ڪي هميشہ جي لاءِ ڇڏي ويو. طارق اشرف جو ادب ۾ هڪ اهم ڪردار رهيو ۽ رسالي سهڻيءَ جي ذريعي هُن سنڌي افساني جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي. طارق اشرف جا ڪيترا ئي افسانا مختلف رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سندس افسانن جامجموعا "سونهن، پٿر ۽ پيار"، "زندگيءَ جو تنها مسافر- 1978ع" ۽ "درد جا ڏينهن ۽ درد جون راتيون" آهن. سندس افسانا ترقي پسند انداز ۾ لکيل آهن.

**حميد سنڌي:**

حميد سنڌيءَ (21 آڪٽوبر 1939ع) جي افسانن جا مجموعا "اُداس واديون — 1965ع"، "سيمي — 1958ع"، "ويريون — 1981ع"، "راڻا جي رجپوت جا — 1984ع"، "جاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان - 1996ع" ۽ "دردونديءَ جو ديس — 2002ع " شايع ٿي چڪا آهن. "اُداس واديون" مجموعي ۾ هُن جا چُونڊ افسانا شامل آهن. سندس افسانن ۾ محبت، مجاز، جدائيءَ جا ورلاپ نمايان نظر اچن ٿا، جيڪي سندس موضوعن کي ڪنيو بيٺا آهن. حميد سنڌيءَ جي رسالي "روح رِهاڻ" بہ سنڌي ادب جي

واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

**رزاق مهر:**

رزاق مهر (1954ع – 2002ع) بہ مقبول ڪهاڻيڪار آهي. رزاق مهر جي افسانن جا مجموعا "سُڪون ڪٿي آهي؟1983 ع"، "ڍهندڙ ليڪا" ۽ "اجهل هوا" شامل آهن. سندس موضوعن ۾ سماجي مسئلا، بک، بيروزگاري، بدحالي وغيره ملن ٿا. پاڻ بهترين ڊرامي نگار بہ پڻ رهي چڪو آهي. رزاق مهر جي ڪهاڻين ۾ ڏتڙيل طبقي جي عڪاسي ملي ٿي. ان سلسلي ۾ "سڪون ڪٿي آهي؟" "آڙاهہ"، "وئرٿ زندگي"، "تتل انسان"، "جنم جلي"، "هڪ شخص جو موت"، "شڪست" ۽ "پيڙا جي ڪوهيڙن ۾" اهم ڪهاڻيون آهن. "سندس ڪردار ۽ سماجي واقعا هڪٻئي سان ٺهڪندڙ هوندا آهن. سماج ۾ ڏاڍ، بيوس انسان جي مجبورين ۽ عذابن جو ذڪر پنهنجي ڪهاڻين ۾ سمايو اٿس. (9)

عبدالرزاق مهر جو پٽ پڻ ڪهاڻيون لکي ٿو. آصف رزاق مهر جون "تياس"، Coffee، "التي"، "موت مذاق" ۽ "اپچيو" مشهور ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻين ۾ ڌرتيءَ سان اُنسيت کي بيان ڪيو اٿس .سندس لکڻي جديد ڪهاڻيءَ جي سٽاءَ ۾ لکيل آهي.

**حفيظ ڪنير:**

حفيظ ڪنير 27جولاءِ 1964ع تي ڳوٺ عرس ڪالري لڳ عمر ڪوٽ ۾ ڄائو. موجودهہ دور جو جديد ڪهاڻيڪار آهي جنهن جي افسانن ۾ ثقافتي رنگ سان گڏوگڏ شهري سماج ۽ ذات پات جي مت ڀيد جي ننڊا ۽ ان سان گڏ سندس لکڻين ۾ مزاح جو عنصر تمام گهڻو آهي.

**ڊاڪٽر غفور ميمڻ:**

ڊاڪٽر غفور ميمڻ (عبدالغفور) ولد محمد اسماعيل ميمڻ 25 آگسٽ 1962ع تي ڳوٺ دڙي تڏهوڪي ضلعي ٺٽي ۽ هاڻوڪي ضلعي سُجاول ۾ پيدا ٿيو. هن وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جو چيئرمين آهي. ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي افسانن ۾ نفسياتي ۽ سماجي رنگ نمايان نظر اچي ٿو. هُن جي افسانن جي اندر سائنسي انداز بہ تمام گهڻو ملي ٿو. سندس افسانن جو مجموعو "جتي نينهن اُڇل - 1995ع" آهي. افسانن جي اِنهيءَ جهُڳٽي ۾ جنسيات جو عمل دخل گهڻو نظر اچي ٿو.

**عابد مظهر:**

ڊاڪٽر سيّـد محمد عابد شاهہ 21 مئي1951 ع تي سيد مظهر شاهہ جي گهر، جهانگارا باجارا ۾ اک کولي. پاڻ ادبي ڪيتر ۾ عابد مظهر جي نالي سان مشهور آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ادب جو اُستاد پڻ رهي چڪو آهي. پاڻ ڪهاڻين سان گڏ ادب جا مِـڙئي ڪيتر ووڙيا اٿائين. "گم ٿيل محبتون" سندس ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. هُـن اِنهيءَ مجموعي ۾ قُـربتن ۽ اُلفتن جو زمانو موٽائڻ جي جهجهي ڪوشش

ڪئي آهي. سندس افسانن ۾ جدت پسنديءَ جا خيال بہ تمام گهڻا ملن ٿا ۽ هينئين لڏي جي وارثي بہ ملي ٿي.

**انور بلوچ:**

محمد انور بلوچ جو جنم 12 اپريل 1952ع تي ڳوٺ محمد حسين بليدي، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. محمد انور بلوچ جا ڪيترا ئي افسانن جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. انهن مجموعن ۾ "پاڇا پوئين پهر جا - 1993ع"، "ڪارو پاٽي - 1998ع"، "ڪپيل هٿ - 1991ع" وغيرھ شامل آهن. سندس افسانن ۾ قومي مسئلا، سماج ۾ ٿيندڙ ڏاڍ، انياءُ ۽ سياسي مسئلا ملن ٿا. مشهور ڪهاڻيون "ڪپيل هٿ"، "فرشتو"، "پنيٺ"، "رات وچ ۾" ۽ " پاڇا پوئين پهر جا" اٿس. هُن پنهنجين آکاڻين وسيلي جيئن ڏُڏو کير ٿڻين نہ پوي تيئن وَيلَ وقت تي ڳوڙها ڳاڙيا آهن.

**محمود مغل:**

محمود مغل (ڊاڪٽر محمودالحسن) جو جنم 27 نومبر1961 ع تي سيوهڻ شريف ۾ ٿيو. پاڻ گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ آهي. هُن ادب جي ٻين پاسن سان گڏوگڏ ڪهاڻين کي بہ وقت ڏنو آهي جن ۾ "توسنگ - توبن ڏينهنڙا" "محمود مغل جون ڪهاڻيون" ۽ "ڪوهيڙن ۾ ويڙهيل يادون" بهترين افسانن جا مجموعا اٿس. هُن انهن ۾ جُدائيءَ جو درد بيان ڪيو آهي. "ٻارن جو عالمي ڏينهن"، "ٽڏي جنگ"، "شڪست" وغيرھ بہ ڳڻائڻ لائق تخليقون اٿس جن ۾ سماجي مسئلن جي اُپٽار ملي ٿي.

**يوسف سنڌي:**

يگاني ڪهاڻيڪار يوسف سنڌيءَ کي بہ وساري نہ ٿو سگهجي. محمد يوسف محمد هاشم ميمڻ جي گهر 1 آڪٽوبر 1964ع تي اک کولي. سندس جنم دڙي ضلعي ٺٽي (هاٽوڪي ضلعي سُجاول) ۾ ٿيو. هُن ادب جي ٻين پهلوئن سان گڏ ڪهاڻين جي مد ۾ بہ پنهنجو وارو وڄايو آهي. "نہ وڃڻ جو پڇتاءُ" مجيل مجموعو اٿس. يوسف سنڌيءَ پنهنجي ڪهاڻين وسيلي پهريون ملھ ڪـتـُوري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**عابد لغاري:**

ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري ولد محمد علي لغاريءَ 11هين مئي1944 ع تي هاٽوڪي ضلعي مٽياريءَ جي ڳوٺ تاج پور ۾ جنم ورتو. هُو اُنهن ڏينهن جي پيداوار آهي جڏهن سنڌي ادب ۾ لکارين جي کوٽ هئي. سندس آکاڻين جو جهُڳٽو "شيشي جي ديوار" 1975ع ۾ ڇپيو. هُن پنهنجي ڪهاڻين ۾ جهڙا روح تهڙا ختمان پـَسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**بادل جمالي:**

بادل جمالي29 هين مئي1947 ع تي ڳوٺ شهداد جماليءَ لڳ هالا، هاٽوڪي

ضلعي مٺياريءَ ۾ پيدا ٿيو. اصل نالو سُليمان خان جمالي اٿس. پاڻ نشرياتي ۽ اشاعتي ڪيتر جو ناميارو ليکڪ آهي. سندس افسانن جا مجموعا ”پاڙي ناهي پروڙ - 1980ع“، ”سنگرام - 1987ع“ ۽ ٻيا آهن. بادل جماليءَ پنهنجي ڪهاڻي ”پاڙي ناهي پروڙ“ ۾ پاڙيسرين جي حقن جي اُپٽار ڪئي آهي.

**بدر ابڙو:**

بدر ابڙو 19 هين ڊسمبر1953 ع تي جمال ابڙي جي ڳهر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هيءَ آڪهه ئي سنڌ ۽ سنڌيت جي شيدائڻ رهي آهي جنهن سنڌي ادب کي زرخيز پڻي ڪيو آهي. بدر ابڙي ٺـلهي ليکي ادب جا سيئي پهلو ووڙيا آهن. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”رياست جهنگل جي آڪاڻي“ 1997ع ۾ ڇپيو. ”رياست جهنگل جي ڪهاڻي“، ”امن ٿيندو“، ”لوهي ڄارو“، ”وارهه“، ”پنڌ پهڻ“ ۽ ”موڪي متارن جو مهمان“ بهترين افسانا ليکيا وڃن ٿا.

**قمر شهباز:**

قمر شهباز ٻگهئي 3 اپريل 1938ع تي نوابشاهه ۾ جنم ورتو ۽ 2009ع ۾ وفات ڪري ويو. ”اٺون گهر - 1989ع“، ”ضمير جو موت“، ”جي پيار هجي ها پاڇولو - 2010ع“ ۽ ”قمر شهباز جون ڪهاڻيون - 1983ع“ مجموعا شايع ٿيل اٿس. ”اجنبي“، ”نيٺي جيٺي پل“، ”رشتو درد جو“، ”مارئي“، ”جي پيار هجي ها پاڇولو“ ۽ ”شڪست“ بهترين افسانا ميڃيا وڃن ٿا جن ۾ سماج اندر طبقاتي ڪشمڪش، اڻ برابري، ماڻهن تي ٿيندڙ ڏاڍ کي موضوع بڻايو ويو آهي.

**حسن علي هڪڙو:**

حَسن علي هَڪڙي ولد عبدالستار هڪڙي 1 مارچ 1945ع تي ڳوٺ بَني هڪڙي، تعلقي ميري خان، ضلعي قمبر – شهداد ڪوٽ (تڏهوڪي ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ جنم ورتو. 30هين ڊسمبر 2004ع تي ڪراچيءَ جي هڪ اسپتال ۾ هن فاني دنيا مان اسان کان هميشه جي لاءِ وڇڙي ويو ۽ اڄ قمبر جي مشهور قبرستان علي خان ۾ ابدي آرامي آهي. سندس ڇپيل ڪهاڻين جو مجموعو ”تحفو“ جنوري 2006ع ۾ رياضت ٻرڙي مرتب ڪري ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قمبر طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو. سندس ڪهاڻيون سماج جي اڻبرابريءَ، جبر، ڏاڍ ۽ غريبن جا حق غصب ڪندڙن لاءِ للڪار بڻيل آهن. ”ڪاري“، ”چنڊگرهڻ“، ”رسمن ماري مارئي“، ”تحفو“، ”بغاوت“ ۽ ”غلط فهمي“ بهترين افسانا آهن.

**ثـميره زرين:**

ثـميره زرين 11 هين فيبروري 1944ع تي شڪارپور ۾ محمد اعظم اعوان جي گهر ڄائي. اصل نالو سڪينا اعوان هئس. پاڻ 13هين آگسٽ 1977ع تي گذاري وئي. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي پهرين ڪهاڻيڪارو جو درجو رکي ٿي. سندس موضوعن ۾

سماجي مسئلا، گهرو مسئلا ۽ عوتن جا مسئلا شامل آهن. ”گيت اُجايل مورن جا - 1971ع“، ”مهراڻ جون ڇوليون - 1962ع“، ”دل ۾ درد هزار 1968—ع“ ۽ ”آءُ اُها ئي مارئي“ مشهور مجموعا اٿس. ”مهراڻ جون ڇوليون“ درياهہ بادشاهہ جي اوج ۽ زوال جو مظهر آهي جڏهن تہ ”دل ۾ درد هزار“ ڏوراپن ۽ ”آءُ اُها ئي مارئي“ عورت جي وفائيءَ ۽ سچائيءَ سان ڀرپور آهن. ”ڪيس سنڌي افساني جي فن ۾ ”خاتونِ اول“ جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. پاڻ ننڍيءَ عمر ۾ ئي لکڻ شروع ڪيائين. سندس ڪهاڻين ۾ سچائي ۽ نئون ڏڳ آهي. (10)

**بادام ناتوان:**

بادام ناتوان 1924ع ۾ شڪارپور ۾ جنم ورتو ۽ 1988ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. هُن سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيڪارائن جي کوٽ کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ”شڪستہ زندگي“ آڪاڻين جو مجموعو اٿس جنهن ۾ هُن قسمت جو روئڻو رُنو آهي. سندس ڪهاڻين جي نتيجي کي اگهي تہ پاءُ نہ تہ مٽن کي موٽ ڪٽي ڇئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

**نورالهديٰ شاهہ:**

نورالهديٰ شاهہ 22جولاءِ 1957ع تي ڳوٺ ٽکڙ هاٿوڪي ضلعي ٽنڊي محمد خان ۾ جنم ورتو. سنڌي ادب جي منفرد ليکڪا آهي جنهن جي لکڻ جو انداز ٻنهہ ٻين سڀني ليکڪائن کان جدا حيثيت رکي ٿي. سندس تخليقي پورهئي ۾ عورتن تي ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ انياءَ خلاف بغاوت کلم کلا ملي ٿي. ” جلاوطن - 1980ع“، ”ڪربلا“، ”رڃ ۽ رڻ جو اتهاس“، ”گورکن“، ”زم زم“، ”انسان“، ”ڪارو چنڊ“، ”عيسيٰ ۽ صليب“، ”زندگيءَ جو زهر“ وغيره ڪهاڻيون اٿس ۽ انهن سڀني ڪهاڻين کي گڏ ڪري ”ڪيڏارو“ جي نالي سان ڇپايو ويو آهي.

**ماهتاب محبوب:**

ماهتاب محبوب (14هين جولاءِ 1946) ڪهاڻين وسيلي عورتن سان ٿيندڙ ويڌن کي ننديو آهي. ”مِني مُراد 1980 ع“، ”ڀهرين پهر کان پوءِ“، ”چانديءَ جون تارون - 1984ع“، ”لهر لهر زندگي - 1985ع“ ۽ ٻيا ڪهاڻين جا مجموعا اٿس. ”چانديءَ جون تارون“ ڏاج نہ ملڻ سببان شادين کان رهجي ويل نارين جي دردن سان ٽِمٽار آهي.

**خيرالنساءِ جعفري:**

خيرالنساءِ جعفريءَ (1947 — 1998) جي تخليقي پورهئي ۾ ”تخليق جو موت - 1978ع“ ۽ ”منهنجو تخليقي سفر —گڏيل افسانا ۽ مضمون“ شامل آهن. ”تخليق جو موت“ ۾ هُن عورتن جي حقن جي لتاڙ تي ڳٽني ڏيکاري آهي.

**تنوير جوڻيجو:**

تنوير جوڻيجو 2 مئي1952 ع تي صدرالدين جوڻيجي جي گهر ضلعي دادوءَ ۾

جائي. ”منهي“، ”امرت منجهه ڪڙاڻ – 1978ع“ ۽ ”عيبن هاڻي - 1981ع“ ڪهاڻين جا مجموعا اٿس. ”عيبن هاڻيءَ“ ۾ هُن ڪوتاهيون مڃڻ جڏهن تہ ”امرت منجهه ڪڙاڻ“ ۾ دردن سان نپائڻ ۽ منجهائڻ تسڪين وٺڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي.

**نذير ناز:**

نذير ناز 15هين مارچ 1953ع تي حيدرآباد ۾ جائي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”هيلوڪو وري آ!“ 1985ع ۾ ڇپيو. ڪهاڻين جي اِنهيءَ سلسلي ۾ هُن هڪ ڀيرو وري موقعي جي حصول تي زور ڀريو آهي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين:**

ڊاڪٽر فهميده حسين 5 جولاءِ 1948ع تي محمد يعقوب ميمڻ جي گهر پيدا ٿي. هِن سڄي گهراڻي کي ئي ڪا علمي پورهئي جي سُٺي پيل آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين تمام وڏي عالِم ۽علم پرور خاتون آهي. هُن ادب جون ٽلهي ليکي سڀئي صنفون ووڙيون آهن. مجموعو ”هڪ حوا - ڪيئي ڪهاڻيون“ 2003ع ۾ ڇپيو اٿس. جدائي، سماج ۾ ڀيج ڊاهہ ۽ مونجهارا سندس هنن افسانن مان ڳولهي سگهجن ٿا. ”مٽيءَ لڏو مان“، ”ڪارو ڪير آهي؟“، احساس“، ”فرار“، ”روپ - بهروپ“ وغيره بهترين افسانا اٿس.

**عابده گهانگهرو:**

عابده گهانگهرو پهرين فيبروري 1969ع تي ضلعي نوشهري فيروز جي علائقي محرابپور ۾ ڪامريڊ محمد هاشم گهانگهري جي گهر ۾ اک کولي. پاڻ مشهور ليکڪا ۽ صحافڻ آهي. هُن جي ڪهاڻين ۾ عورتن جي حقن ۽ آزاديءَ جي ڳالهہ واضح نظر اچي ٿي. سماج جي ناقص رسمن جو شڪار ٿيندڙ عورت جو درد سندس ڪهاڻين ۾ بي ڊپائيءَ سان بيان ڪيل آهي. ”الا ڏاهي مَر ٿيان....“ ”ليکڪا“، ”اداس مرڪون“ ۽ ”مهرالنساء“ هن جون پليون ڪهاڻيون آهن. سندس ڪهاڻي ”ايوارڊ“ واقعي ايوارڊ لائق آهي، جيڪا هر ليکڪ کي پڙهڻ گهرجي. ساڳئي ريت ”ليکڪا“ ڪهاڻي بہ هر ليکڪا ضرور پڙهي. پاڻ ٻاراڻيون ڪهاڻيون بہ لکيون اٿس. سندس ڪهاڻين جا مجموعا ”تخليق جو انت“ اپريل 2014ع ۽ ”ماريہ، ميز ۽ لائبريري (ٻاراڻيون ڪهاڻيون)“ 2014ع ۾ ڇپجي چڪا آهن. ڪتاب جي اهميت بابت عابده گهانگهرو ليکڪا پاران تاثر ۾ لکيو آهي تہ ”هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين ۾ عورتن لاءِ محنت، سجاڳيءَ ۽ جدوجهد جو پيغام آهي جيڪي گهٽي قدر حقيقتن تي ٻڌل آهن ۽ اڪثر ان وقت جي واقعن ۽ حالتن پٽاندڙ آهن.“ (11)

سنڌي ڪهاڻيءَ کي دنيا جي ٻين ٻولين ۾ بہ وڏي موٽ ۽ جهجهي دلچسپي حاصل ٿي آهي. خاص ڪري هندستان ۾ بہ گهٽي لکي پئي وڃي. 1947ع کان پوءِ ننڍي کنڊ جون حالتون هڪدم بدلجي ويون. سنڌ مان هندستان، سينگاپور ۽ دنيا

جي ٻين پاڳن ڏانهن چڱي خاصي لڏ پلاڻ ٿي. هِتان ويل ماڻهن پنهنجي ڌرتي ۽ مال متاع سڀ ڪجهه وِڃايو پر پوءِ بہ ٻوليءَ، مهذب قدرن ۽ صوفي سياءَ سان چُهٽيا رهيا. پنهنجي وطن کان پري رهڻ، لڏ پلاڻ جي اَهنجن ۽ ڌرتيءَ جي سِڪ کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ اوتيائون. ڀارت مان نئين دنيا، سنڌو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ادبي رسالا نڪتا جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي خاص اهميت ڏني. موهن ڪلپنا، سُندري اُتم چنداڻيءَ، ايشور چندر، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ۽ گوردن محبوباڻيءَ تہ سنڌي ڪهاڻيءَ جون ڳنڍيون ڇوڙي ڇڏيون. سندن ڪيترا ئي ڪهاڻين جا مجموعا پڌرا ٿي چُڪا آهن جيڪي گهڻي عرصي تائين حوالي طور ڪتب ايندا رهندا.

حوالا:


1. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر، جمال ابڙي جو افسانوي فن، ڪلاچي تحقيقي جرنل-شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي - جلد سورهون، شمارو: ٻيو، ڊسمبر2013 ع _ص: 61
2. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر - سنڌي ادب جي تاريخ –جُلد ٽيون –ڇاپو پهريون 2006ع - سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ - ص: 75
3. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر - سنڌي ادب اجو فڪري پس منظر - شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي – ڇاپو: پهريون - فيبروري 2002ع – ص:367 _ 366
4. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر - سنڌي ادب جي تاريخ – جُلد ٽيون –سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو پهريون - 2006ع – ص:77
5. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر - سنڌي ادب جي تاريخ –جُلد ٽيون –سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو پهريون - 2006ع - ص: 92
6. جوڻيجو،عبدالجبار،ڊاڪٽر،سنڌي ادب جي تاريخ _ جُلد ٽيون، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو: پهريون - 2006ع – ص: 87
7. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر - سنڌي ادب جي تاريخ –جُلد ٽيون –سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو پهريون - 2006ع – ص: 97_96
8. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر - سنڌي ادب جي تاريخ –جُلد ٽيون – سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ - ڇاپو پهريون – 2006ع – ص: 90، 91
9. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو - نيو ڪانياواڙ اسٽورز اردو بازار ڪراچي - ڇاپو: پهريون – 2006ع – ص: 626
10. چانڊيو مير ميان –سنڌي ادب جي تاريخ ۽ صنفن تي هڪ نظر –ڇاپو: پهريون - روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو2007 ع – ص: 189
11. گهانگهرو، عابده - تخليق جو انت - مهراڻ ميڊيا سروس ڪراچي، 2014ع – ڇاپو: پهريون – ص: 8